
جنگ جو اعلان
ارڏو اترادي

# جنگ جو اعلان

(قومي گيتن تي مشتمل شاعريءَ جو مجموعو)

## ارڏو اترادي

جيئي سنڌ محاذ
1988ع

ڊجيٽل ايڊيشن :
2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

(هڙئي حق هٿيڪا)

ڪتاب جو نالو: جنگ جو اعلان
ليکڪ: ارڏو اترادي
موضوع: قومي گيت (شاعري)
ڇاپو: اپريل 1988ع
ڇپائيندڙ: جيئي سنڌ محاذ
ڪمپوزنگ: عبيد ٿهيم

**JANG JO AILAAN**
*(Poetry)*

By: Ardo Utraadi
Published by: Jiye Sindh Mahaz, Sindh
Composing: Ubaidullah Thaheem
1st Edition April 1988
2nd Edition May 2017

# ارپنا

**سنڌي قومي جي رهبر**

**پيار ۽ امن جي پيغمبر**

**امن ۽ اهنسا جي مالڪ**

**سنڌي يونيورسٽيءَ جي خالق**

**محترم سائين**

**جي ايم سيد**

**جن جي نالي**

---

ــــ ارڏو اترادي

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”جنگ جو اعلان“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب سنڌ جي مزاحمتي شاعر **ارڏي اترادي** جِي مزاحمتي شاعري ۽ قومي گيتن جو مجموعو آهي. پڙهندڙ هن ڪتاب کي 80 جي ڏهاڪي جي سياسي تحريڪن کي سامهون رکي هي ڪتاب پڙهن. عبد الواحد آريسر لکي ٿو:

”مون سنڌي زبان جي قديم ۽ جديد شاعري گهڻو ڪري پڙهي آهي. انهيءَ سموريءَ شاعري ۾ جيڪب آباد ضلع جو شاعر ارڏو اترادي ئي هڪڙو ۽ اڪيلو شاعر نظر آيو آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ رڳو بارود ۽ بم آهن. باقي نزاڪت نفاست، حسن، ڪڪيل ٻانهون، اوجاڳيل اکيون ن، ماڪ ڀنل مکين جا چپ، پره جي هير جهڙي مرڪ، تڏي ۽ اجري ارڏي جي شاعريءَ ۾ بنهه گهٽ آهي. گهٽ ۾ گهٽ ان شاعري ۾ جيڪا مون پڙهي آهي چوٿو سندس شاعري ڇپي به گهٽ آهي.“

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن **جيئي سنڌ محاذ** پاران 1988ع ۾ ڇپايو ويو هو، جڏهن ته ٻيو ايڊيشن 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون محترم ارڏي اتراديءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**

**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# عاجز کان ارڏي تائين

گهڻو وقت اڳ هوچي منه چيو هو تہ ”پنهنجي شاعري ۽ فن ۾ بارود ڀري غلامي جي آزاديءَ لاءِ هٿيار طور استعمال ڪريو“
مون سنڌي زبان جي قديم ۽ جديد شاعري گهڻو ڪري پڙهي آهي. انهيءَ سموريءَ شاعري ۾ جيڪب آباد ضلع جو شاعر ارڏو اترادي ئي هڪڙو ۽ اڪيلو شاعر نظر آيو آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ رڳو بارود ۽ بم آهن. باقي نزاڪت نفاست، حسن، ڪڪيل ٻانهون، اوڇاڳيل اکيون، ماڪ ڀنل مکين جا چپ، پرھ جي هير جهڙي مرڪ ٺڏي ۽ اجري ارڏي جي شاعريءَ ۾ بنه گهٽ آهي. گهٽ ۾ گهٽ ان شاعري ۾ جيڪا مون پڙهي آهي ڇو تہ سندس شاعري ڇپي بہ گهٽ آهي.
ارڏي جو واسطو جيئن تہ جيڪب آباد ضلع سان آهي انهيءَ ضلع جي هر رهاڪو جي هٿ ۾ هروقت بارود رهندو آهي پر اهو بارود هو پنهنجن جي ئي خلاف استعمال ڪندو آهي. ارڏي جي هٿ ۾ پڻ ڪلاشنڪوف هوندي آهي جنهن ۾ هر وقت بارود ڀريل هوندو آهي، پر اهو بارود هو جيڪب آباد ضلع جي روايت خلاف پنهنجن جي بدران ڌارين ۽ سنڌ دشمنن جي خلاف استعمال ڪندو آهي. ارڏي جي هٿ ۾ ڪلاشنڪوف جو پڙهي اوهان حيرت ۾ هرگز نہ پئجو. تہ هي ماڻهون جنهنجو ٻُت ڪمند جي ڪاني کان بہ سنهون ۽ وزن ۾ ڪچي جي هنداڻي کان بہ هلڪو سومڙس صفا ڪو خونخوار، قاتل، ۽ رحيم منگورو هوندو ۽ هر وقت بندوق سندس ڪلهي ۾ لٽڪيل هوندي

رهندي. ائين هرگز نہ آهي. پر هو ڪلاشنڪوف سڏيندو آهي سندس ڊائري کي جنهن ۾ سندس شاعري لکيل هوندي آهي ۽ سندس دوست ۽ مداح مونکان ويندي ڊاڪٽر مهرچند ۽ ولي سهرياڻي تائين سندس ان ڪلاشنڪوف جي سلامتي جي دعا گهرندا رهندا آهيون ڇوتہ افغان پڳوڙن جي ذريعي جيڪا ڪلاشن سنڌ ۾ پهتي آهي سا جيڪڏهن گم ٿئي تہ ٻي مسواڙ تي بہ ملي سگهي ٿي پر ارڏي جي ڪلاشنڪوف وڃائجي ويئي تہ اهڙي شيءِ سنڌ کي ورلي مشڪل ملي.

ارڏي جو پهريون تخلص عاجز هو ۽ هو مذهبي شاعري ڪندو هو مفتي محمود جو پوئلڳ هو. پوءِ جڏهن وهاب جي ليڪچرن جا هٿوڙا سندس دماغ ۾ لڳا (مونکي حيرت آهي تہ هي ماڻهو اهي هٿوڙا برداشت ڪيئن ڪري سگهيو) تہ عاجز مان ڦري ارڏو ٿيو ۽ جي ايم سيد جو نہ رڳو فڪري پوئلڳ ٿيو پر انتهائي عقيدتمند بنجي ويو. عاجز کان ارڏي ٿيڻ واري سفر ۾ هن کي ڪيترا ڪشالا ڪڍڻا پيا هوندا، ڪيترا بت ڊاهڻا پيا هوندا ۽ پنهنجي شاعريءَ جي سانچي ۾ تبديليون ڪرڻيون پيون هونديون، آئون سمجهان تہ سندس انهيءَ سفر دماغ جي مِڪ ڳاري ڇڏي هوندي پر پوءِ بہ هو هر روز سنڌ ۽ سنڌين لاءِ بارود سان ڀريل نئين، اهڙي چٽي ۽ صاف قومي شاعري ڪندو اچي ٿو جهڙي ڪڏهن سنڌ جي سرزمين تي مخلص، بلبل ۽ حڪيم نظاماڻي ڪندا هُئا.

هن جو چوڻ آهي تہ اسين لاشاري آهيون ۽ رند ۽ لاشاري جي جنگ ۾ سنڌ جي عظيم حڪمران لاشارين جو طرف ورتو هو. جيتوڻيڪ سندس مدد وقت تي پهچي نہ سگهي هئي پوءَ بہ اسان سڀ ڄام نندي ۽ ان جي سرزمين (جيڪا اسانجي ماءُ آهي) جي احسان جي بار هيٺيان

دبيل آهيون ۽ آئون پنهنجي طرفان پوري وس ۽ وت سان ڪوشش پيو ڪريان تہ ڇام جي ڌرتي وري آزاديءَ جا چانڊاٽا ۽ ماندباڻ ڏسي ان لاءِ آئون سيد جو پوئلڳ ٿيو آهيان.

آئون ذاتي طرح خوشقسمت آهيان تہ مونکي ارڏي جهڙا موتين جهڙا ساٿي مليا آهن ۽ جيئي سنڌ تحريڪ وڏي ڀاڱوان آهي جو انکي اهڙا سروبچ ورڪر ۽ شاعر مليا آهن جيڪي پنهنجو پورو فن ۽ ذات تحريڪ لاءِ وقف ڪريو جدوجهد ڪندا رهن ٿا.

**جتا شال جيئو جيئو ۽ جاڙون ڪريو**

عبدالواحد آريسر

16 مئي 1887ع

# سائين

پاڻ سان ڪر تون پيار او يار
سائين تنهنجي سيني ۾ آ.

جهنگل جهاڳين ڇو ٿي سسئي
پنهل ناهي ڏار_ او يار....!

من اندر محبوب وسي ٿو
ڳول نه ڪنهن ٻي پار_ او يار....!

تنهنجو سينو مڪو مدينو
تو ۾ آ سرڪار_ او يار....!

ظاهر ملان پانيڻ ٻولن
باطن صوفي يار_ او يار....!

ظاهر ٻانگون ڏئي ٻڌائڻ
تنهن کان ڪر انڪار_ او يار....!

حق ڏسي ات حق چئي ڏي
پل لڳي تلوار_ او يار....!

ٻول نه "ارڏا" ٻي ڪا ٻولي
حق پسي هڪوار_ او يار....!

# فڪرِ سيد

هي ثناگر شاهه سنائي جي ثنا ڪهڙي ڪري
بس پڪي ٿي ڇهنب هڪڙي ڄڻ سمنڊ مان ويو پري.
تاريخ 17 جنوريءَ تي هر سنڌي سن ڏي وري
پنهنجي رهبر کي ڏسندي سنڌين جي دل ٺري
جن مڃيو اي ايم.ازم هڪ پل نہ رهيا سي پري
ان کي سنڌي آئون نہ سڏيان جنهن جي جي.ايم ري سري.

مان نہ آهيان شخصيت پرست، آ سنڌ ڌرتيءَ جو قسم
پر سنا جن_جن ستم، تن ڏي ڏسي لکيم نظم
ڪي قيد ٿيا ڪي گهاٽي پيڙيا، سر ٿيا ڪن جا قلم
سي ئي سيئي هڪڙي طرف ۽ ٻي طرف جي.ايم ازم
اڄ ٿڏي سيني ادا هي ڏيان ڪو ويهي ڌري،
اهڙو رهبر ٻيو ڪوئي ٿو ذهن تنهنجي ۾ ڦِري؟؟

جيئن عنايت، شاهه ڀٽائي ۽ سچل ساميءَ چيو حق
تيئن چيو جي.ايم سائين آ، پوءِ ڇا جو وهم شڪ
سنڌ کي اڪثر ڏسان ٿو گور پرستيءَ ۾ غرق
جيئري ويجهو ٿورا ماڻهو قبر جي ويجهو خلق
ساٿيو هي حال ڏسندي روز شب دلڙي ڳري
جلد ڪريون عزم پورو، قوم جو ڏيئو ٻري

سنڌ ڌرتيءَ جا سچا تي فڪرِ سيد ڳولهيون
جي ايم سائين جي ڏسن تي راهه گڏجي ڳوليون
سنڌ کي آزاد ڪريون، پل لڳن سئو گوليون
پاڻ ۾ گڏجي هلون ۽ ڪيئن ناهيون ٽوليون
صاف آهي سنڌ سيد، سنڌين کان سر گھري
هر سنڌي ”ارڏو“ تي ان جي فڪر تي جيئي مري.

***

# ارڏو آهي

عاجز هاڻي عاجز ناهي
”ارڏو“ آهي ارڏو يار

قلم قلم تي قلم قلم آ
ظلم نہ آ ٻيو ڇا آهي...

قوم نهاري هن ڏي هرهر
شعر ٿو کهڙا ناهي...

لاٽ هلي چمڪات ڪري اڄ
غيرت ڏي هو ڪاهي...

پنهنجن خاطر مرندو جيئندو
قول ڪيل هي آهي...

هرگز ملندو پاءُ سان پاءُ
ديوارون سڀ ڊاهي...

دشمن خاطر ”ارڏو“ آهي
توڙي چاڙهن ڦاهي...

# پلارا لطيف

پلا پاڳ ڪريو پلارا لطيف
ختم ٿيا سپيئي سهارا لطيف
وڄن بند ٿيندا ٿا چارا لطيف
ٽٽندا وڃن ٿا ستارا لطيف
جڏهن ڪونہ هوندءَ ڪي پيارا لطيف
تڏهن ڪونہ هونڊءِ منارا لطيف

ويو ڏس گدائي ويو ڏيپلائي
اسانجي بہ پويان اجها فوج آئي
نہ ڪي شرح ٿيندي، نہ ڪي پڙهبي وائي
رهي پٽ ۾ پوءِ ڪندي ڇا پٽائي
ڏيڪارين جي هاٿي ڪنارا لطيف
تڏهن سمجهان سمجهيا اشارا لطيف

پٽائي سان گڏجي ڪريو هيءَ ٻولي
وساريون نہ مادرڏني جيڪا لولي
سانوڻ جي موجن جي سنڌو جي ڇولي
هرگز نہ وسري لڳي ڇاهي گولي
ڪريون عهد توسان ٿا سارا لطيف
هڻون ديس تنهنجي جا نعرا لطيف

اجا مارئي ڪوٽ ۾ قيد آهي
مڙي مارون سيئي ڇڏيون ڪوٽ ڍاهي
دشمن ڪي "ارڏا" ڏيون تپ ٿاهي
پلي پوءِ اسانکي عمر چاڙهي ڦاهي
ٻڌايو اسانکي ڪي چارا لطيف
سنڌين جي جيءَ جا جيارا لطيف.

# جيئي سنڌ

هرڪو چوندو جيئي سنڌ
ڪير نہ چوندو جيئي سنڌ؟

جيڪو نہ چوندو جيئي سنڌ،
تنهنجو ڪٽبو آخر ڪنڌ...

صاف ڪبو هي ديس پيارو
تڙبو آخر غير ۽ گند...

اٿيو جڏهن هرهڪ جوان
ٽٽندو هڪ قيد ۽ بند..

آخر ويندا ڦورو لوٽو
ڪٽبو تنهن جو هرهڪ سَنڌ

ويچا ويندا دليون ملنديون،
جڙندي هن تحريڪ جي جند..

پاڻ ۾ ملندا پارٽيون ڊاهي
ڪندا جيئي سنڌ ڏي پنڌ..

هر هڪ ”ارڏو“ غير تڙيندو
مارو وٺندا ماڳ ۽ هنڌ..

***

# گڏ ڪٽون

گڏجون پاڻ ۾ يار _ او يار،
مون بہ عاجز تون بہ عاجز

تون بہ سنڌي مان بہ سنڌي
پوءِ ڇو آهيون ڌار _ او يار..!

ديس بہ هڪڙو ويس بہ هڪڙو
ڇا ۾ آ تڪرار _ او يار..!

تون بہ پري ٿئين مان بہ پري ٿيان
ڪيئن هلي وهنوار _ او يار..!

مان جي مرندس تون بہ مرندين
رهندا ڪي آثار _ او يار..!

تنهنجا رئندا منهنجا رئندا
ننڍا ننڍا ٻار_ او يار..!

عاجز _ عاجز ”ارڏا“ ٿيون سڀ
گڏ ڪٽون هٿيار _ او يار..!

# ڇا جنگ ڪرڻ گهرجي

ٻڌايو دوستو هاڻي اسانکي ڇا ڪرڻ گهرجي..؟
اڳيان اونده اڇي ٿي پئي، هلڻ گهرجي رهڻ گهرجي؟

ڇوواڻي مٿان آهيون وڃي ٿو سڄ ٻه لهندو
اڇي ويا ڄاڻ هت ڦورو، مارڻ گهرجي مرڻ گهرجي؟

ڦرڻ ڪان جي ٻچي وياسي بگهڙ ايندا ڪائي ويندا
انهن ٻچڙن ٻلائن ڪان پلا سردان ڇا گهرجي؟

اسانجي ديس ڪي درياه، پائڻ لئہ تيار آهي
ٻڌايون بند ڇوڌاري يا پاڻي ۾ ترڻ گهرجي؟

اڻي عاجز ٿيون "ارڏا" ڪريون ڪو فيصلو جلدئي
دنيا ۾ ڪُجه ڪرڻ گهرجي يا ائين واپس ورڻ گهُرجي!؟

# جنگ جو اعلان آ

هي سن مان فرمان آ
اڄ جنگ جو اعلان آ

دشمن تنهنجو هوشيار آ
توکي مارڻ لئہ تيار آ
تون ٿو چوين هو يار آ
هي ڏوکو ۽ دهمان آ
اڄ جنگ جو اعلان آ..

هاڻي اٿي اک کول تون
دشمن کي گهر ۾ ڳول تون
ڪُجھ چپ چوري ٻول تون
گهر ۾ مچيل گهمسان آ
اڄ جنگ جو اعلان آ..

هوشيار ٿيو هوشيار ٿيو
هيئن وقت ئي چوندو رهيو
تو ڇا ڪيو_ تو ڇا ڪيو
دشمن ٿيو مهمان
اڄ جنگ جو اعلان آ..

دشمن جون اکڙيون آتڙيون
هردم ٽيون پائن جهاتڙيون
هو روز ناهن ڪاتڙيون
تو وٽ رکو ارمان آ
اڄ جنگ جو اعلان آ..

پاڻ کي هردم پتوڙيون
جنگ جو سامان جوڙيون
دشمنن جي ڏڙ کي ٽوڙيون
فتح پوءِ آسان آ
اڄ جنگ جو اعلان آ..

”ارڏا“ اتي سڀ تيار ٿيون
نعرو هڻي نروار ٿيون
دشمن جي دل بار ٿيون
پوڙهو بہ اڄ جوان آ
اڄ جنگ جو اعلان آ..

# ڦورن جي تاريخ

صدين کان ستم ٿو سهان دوستو
ڪري سنڌ ٿي بيان دوستو.

هتي نالا تن جا ٻڌائڻا پيا
اڇي ظلم سنڌ جي مٿان جن ڪيا
جيڪي ڌاريا ٿي رهيا ڌاريا
سدا سنڌ واسين هڪالي ڪڍيا
ظلم جو ذڪر ٿو ڪريان دوستو..!

سڪندر ڪان پوءِ عرب ارغون آيا
ترخان ۽ مغل _ انگريز ڇايا
مڪڙن وري سڀ پنجابي گهرايا
پناڻن ٻہ اڄڪلھ هتي ديرا لايا
نظارو آهي تو اڳيان دوستو...!

يونان ڪان جيئن سڪندر هليو
قابل هندستان سنڌڙي جهليو
ٽنگي لاش ساميس جو خوش ٿي ڪليو
رڳو سنڌ ڪي ريج رت جو مليو
ڪيئي شهر هن ڪيا زيان دوستو...!

نياڻن جي خاطر عرب جي اچن ها
وٺي پنهنجيون نياڻيون هو واپس وڃن ها
حڪومت هتان جي رهاڪن کي ڏين ها
نہ ڪي مال نياڻيون ٻين جو نين ها
چئو تن کي ڪيئن مان مڃان دوستو..!

ڏسي سبز سنڌ کي ڪي ارغون آيا،
وڙهيا سپ ڌاريجا دريا خان ڇايا،
ماڇن سميجن سوين سر ڪپايا،
سنڌو رت سان ريٽي انهن هت وهايا
ڏڪن پيا زمين آسمان دوستو...!

ارغوني لشڪر جو ٺلٽيءَ ۾ آيو
بلاول ۽ ساٿين پوءِ هن کي ڀڄايو
اچي تخت سيوڻ جڏهن تن وسايو
تڏهن تن بلاول لاءِ گهاٽو گهرايو
ڇيائين سنڌ لاءِ پل مران دوستو..!

ٻٽي نيڪ کي ترڪ ايندا رهيا
قبائي تخت کي پوءِ عياش ٿيا
ماڻس حورون قنترا پئي موڪليا
غازي لئہ هي حرف لکيا ويا
شيخ زيدي جي آهي زبان دوستو..!

مرزا باقي ڪيا هئا قهر
سڄو ٿيو خزانو عياشي نظر
ڪڇي ڪير تن جو هو اهڙو اثر
مچايو انهن سنڌ ۾ هو حشر
ناهي اڄ انهن جو نشان دوستو..!

ونئي آڙ مذهب جي آيا مغل
اڏي مسجدون ۽ پڙهي ويا رمل
پيءُ قيد ۾ ۽ ڀين سان عدل
پنهنجا سنڌ کان هو پري ويا بغل
ڏسي ...... عورت مٿان دوستو...!

انگريز سنڌ تي ڪئي بادشاهي
پٽر سون چانديءَ جي الله واهي
سڄو مال ميڙي ڪيائون تباهي
انهن سان ٻه سنڌين اچي جنگ ڪاهي
ويڙهائي ويا درميان دوستو..!

اجان تائين تن جي حڪومت هلي ٿي
ساڳي جوت انهن جي هٿڙي جلي ٿي
نه ٿيا سون جي چمچا سزا سا ملي ٿي
ڪڙي ٻانهن واري اجا نه کلي ٿي
ڪيان ڪُجھ نه غدار هان دوستو..!

آيا پناهگير _ آيا بهاري
پنجابي ٻہ سنڌ کي ڏين ٿا ڀاري
پناڻن لاءِ اڄڪلھ هتي آ ٻهاري
اسان ۾ آ غربت_ اسان ۾ لاچاري
ڪيو ڪُجھ نہ ڪجھ ڏيان دوستو..!

اسان لئہ سوين قيد ڪوڙا ۽ ڦٽڪا
اهي گهاٽا ٽاٽا_ اهي روز ڪُٽڪا
گهرون حق ٻچيءَ ۾ وجهن ٿا هو پٽڪا
انهيءَ لاءِ در در پِٽيون روز پِٽڪا
ٿيون جلد آزاد اسان دوستو...!

سڏي پائرن سان ٿيون پاءُ هاٽي
سنڌڙيءَ مٿان سڀ ڏيون ساھ هاٽي
اٿيءُ ”ارڏا“ سرجو هٺو داءُ هاٽي
گولين جو هرجا ٺئي پڙلاءُ هاٽي
تڙيون غير ٻيو ڇا چوان دوستو..!

# ورسيءَ جو مقصد

ورسيءَ جو مقصد ڪرڻ يادگيري
ٻڌن ٻار پوڙها جوان ساٿيو..!

ٻُڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو هي وقت آهي
اجهو بند ٿيندي زبان ساٿيو..!

قومن جي هيرن جا ڏينهڙا ملهائي
ڪيون واقعا ٿا عيان ساٿيو..!

جڏهن ديس واسين جي تاريخ پڙهيم
لهي ويا سيئي گمان ساٿيو..!

ڪي ڏاهر_ ڪي دودا، ڪي دولهه دريا خان
ڏنم شاهه عنايت سمان ساٿيو..!

ڪي هوشو ڪي هيمون ڪي سوڍا ڏٺاسون
ڪي جکراڻي، ڪوسه جوان ساٿيو..!

مخدوم بلاول ڪي گهاڻي چو پيڙيو
هي ڳالهيون صفا تو ڪيان ساٿيو..!

ملهايون تا اڄ شاه حيدر جي ورسي
رڳو پاڻ ڇو هڪ زبان ساٿيو..!

آسان آ ڳالهه سمجهڻ رڳو بس
گڏجي ڪيون جي ڏيان ساٿيو..!

گهڻو قومي هيرن سنو آ سهن تا
ڏسو جي.ايم سائين اجا ساٿيو..!

پنهنجو پاڻ تاريخ دهرائيندي آهي
وريو ساڳيو آهي زمان ساٿيو..!

چوي سن جو سائين ٿو اڄ به اسانکي
نہ ڪيو وقت هرگز زيان ساٿيو..!

اچو "ارڏا" سنڌي ٿيون گڏ هاڻي
دشمن کي ڪريون نشان ساٿيو..!

***

# لطيف منهنجو

لطيف منهنجو لطيف تنهنجو
لطيف هِنجو لطيف هُنجو
لطيف سائين سهارو جن جو
ترندو ٻيڙو سدائين تن جو
لطيف کي جو ڪري نہ پنهنجو
ٻڏندو ٻيڙو سدائين انجو..

لطيف وڏڙن ۽ ٻارن جو
لطيف بي وس ۽ ڇورڙن جو
لطيف جوانن ۽ مورڙن جو
لطيف سنڌين سڀاجهڙن جو
ٻڌو اجا ٻہ آ لطيف ڪنهنجو
لطيف سائين ناهي ٻين جو..

لطيف وارث ٿيو مارئيءَ جو
لطيف سڄڻ ٿيو سسئيءَ جو
لطيف رهبر ٿيو هر سنڌيءَ جو
ڇيائين ڪاهيو تتيءَ ٿڌيءَ جو
انهن سڀنن تي يقين جنهنجو
لطيف سائين آهي انهنجو

لطيف جي دعا اول سنڌين لئہ
پوءِ دنيا جي ٻين سڀن لئہ
اول ڇو سنڌ لئہ_ پوءِ ٻين لئہ
اهائي حڪمت آهي اسان لئہ
جيڪو نہ سمجهي انهيءَ لئہ اهنجو
جيڪو ڄو سمجهي انهيءَ لئہ سهنجو.

لطيف سچو سيد سنڀاريو
لطيف پوڙهو جوان پڪاريو
لطيف پنهنجو "ارڏو" اتاريو
لطيف ڏاريو سدا ڏڪاريو
لطيف پڙهجو _ لطيف پُرجهو
لطيف جاڻي سدائين رهجو...

# اسان جو مقصد

جلسا انهيءَ لئہ ڪرايون ٿا
لکي پتن کي پرائيون ٿا
اهڙي طريقي ٻڌائيون ٿا
چڱن چڱن سان چوائيون ٿا
اسانجو مقصد آهي اهوئي
اڇو تہ گڏجون سنڌي سڀوئي...

ٻڌي ڪنن ڪان ڪڏي نہ ڇڏجو
کٽي بندوقون اسان سان گڏجو
آهي مسئلو هي ساري سنڌ جو
رڳو نہ آحي هي تنهنجو منهنجو
ٿوڙي اسانکي ٿو ڏاريو ئي
متان چوين تون ڇيو نہ هوئي..

اسانجي ڏرتي اسانجو ناٽو
هي ڄامشورو هي لاڙڪاڻو
ڪسڻ وارن کي هاڻي سڄاڻو
پلئہ نہ ڪريو اهو پراڻو
اهو وچن جي نہ پاڙيوئي
جهڳو انهن جو نہ ساڙيوئي..

پچا انهن کان اها پلا ٿئي
اسانجي بند چوٽي داخلا ٿئي
نہ ٿا هو چاهن اها ڳلا ٿئي
پڇڻ سان ڪورٽ ۾ جهل جهلا ٿئي
جي پڇڻ ڪڇڻ وارو ٿيو نہ ڪوئي،
سموري سنڌ کي ڇڏيندا ڏوئي...

پلي ڪرن پيا هو رسٽيڪيٽ
رکي ڇڏن پل سرٽيفڪيٽ
اسان ٻڌائيندا سون ٻم جيٽ
اسان ڪٽيندا سون تن جو پيٽ
ڏسون پساري ٿئي هو ڪُوئي
ڏيندي موٽائي هريڙ روئي

سنڌين جا حق جيئن وجن ٿا ڪسيا
تيئن وجن ٿا انهن کان رُسبا
هڻن ٿا نعرا هو جيئي سنڌ جا
خوشيءَ سان ڪائن ٿا ڪوڙا ڦٽڪا
ڏسي ڪرن ٿا زبان ڏوئي
ڇڏايون اجرڪ ڇڏائون لوئي...

سواءِ ڌرتيءَ آهيون اڌورا
وٺي نہ ڏيندي مجلس شوريٰ

اتو اي "ارڏا" سنڌي سمورا
ڪيو پنجابين جا ليڪا پورا
چوڻ سيد جو آهي اهو ئي
اجا نہ ٻارڻ ڪو ٻاريو ئي...

# ڇا ٿيو....؟

ڏينهن ويندو رهيو رات ايندي رهي.
چنڊ کان جي ورتئہ روشني ڇاٿيو .....؟

ڏينهن ۾ تو نہ ڏيکاري مڙسي اگر
رات اونده ۾ ڪيئہ راهزني ڇاٿيو .....؟

وٺين ڪين ڏاري کان پنهنجي زمين
جي ٻئي جي ورهائيءِ ٻني ڇاٿيو .....؟

ڇڏي قوم پنهنجي ملي ڏارئي سان
ڏنئہ ڏار ڇاڙهي ڪُني ڇاٿيو .....؟

روئي قوم ساري اسانجي ادا
رڳي زال هن جي رُني ڇاٿيو .....؟

سر ننگيون قيد ۾ ڪيتريون نياڻيون
ٿي هڪڙي جي سرتي چُني ڇاٿيو .....؟

ڏيئي موت کي موت "ارڏا" نہ آئين
ورتئہِ ساه سوالي پني ڇاٿيو .....؟

# ياءُ تنهنجو ناهيان

وفاق کي ختم ڪري _ صوبا رکيا تون سڀ پري
هڪڙو ڪائي، ٻيو مري _ ويا بنگالي تنهنکري
هتي بہ باھ ٽي ٻري _ مان بہ نہ ٿو چاهيان
مان ياءُ تنهنجو ناهيان.

ڪيا تو واعدا ڪهڙا _ ٽوڙي وينين هھڙا تهڙا
نہ ڪن اجا سنڌي جهيڙا _ پلي هٹو ڦتڪا ڪوڙا
ساڙيندااسون سون تنهنجا ٻيڙا _صاف ٿو ٻڌائيان
مان ياءُ تنهنجو ناهيان.

غلط تنهنجي جمهوريت _ فوج واري حاڪميت
تو هلائي آمريت _ تو وڃائي عاقبت
ڏاهيان پاڪستاني پت _ اجا توسان رهائيان
مان ياءُ تنهنجو ناهيان

تنهنجي شاعري خودي _ تنهنجي نيت ۾ بدي
تنهنجي ذهنيت گندي _ اصلي نسلي آهين ردي
تون پنجابي مان سنڌي _ ڪيئن توسان ڳالهائيان
مان ياءُ تنهنجو آهيان

مان پاڪستان ڏاهيان __ مان سنڌوديش ٺاهيان
مان توسان نہ ڳالهائيان __ مان ”اردُو“ تو چوائيان
مان سنڌڙيءَ جو آهيان __ مان سنڌي تو سڏايان
مان ياءُ تنهنجو ناهيان.

# پاءُ اُنجو ناهيان

جو سج کي سلام ڪري،
غير سان ڪلام ڪري،
صرف صبح شام ڪري
جو غير کي غلام ڪري
زهر تن جو طعام ڪري
ان سان ڇا ڳالهائيان
مان پاءُ انجو ناهيان

جو پوڄاري وقت جو
جو پوڄاري تخت جو
غلام ٿئي لت جو
نہ نيت جو نہ پت جو
غريب کائو ست جو
دلال قومي رت جو
مان انکي نيک ٿاهيان
مان پاءُ انجو ناهيان

سانوڻي ۽ چيٽ ۾
جنهنجو خرچ پيٽ ۾
نہ قومي تيل ميٽ ۾

هو حرص جي لپيٽ ۾
هو ظالمن جي ٻيٽ ۾
هن جو گهر آ ليٽ ۾
مان گهر پڪي ۾ ناهيان
مان پاڻ انجو ناهيان.

جو ان جو ٿي جيڪو ڪٽي
جو ان جو ٿي جيڪو لٽي
منيون پليٽون چٽي
ويهي رڳو مڇون وٽي
ڏسي نہ ٿو اکيون پٽي
ڏينهن رهيا آهن ٻہ ٽي
سامراجي ويا وٺي
سو ڏسڻ نہ چاهيان
مان پاڻ ان جو ناهيان

جو مذهبي جنون ۾
نہ فلسفي فنون ۾
هٿ رڱي خون ۾
ڪن هن جا فون ۾
منهن رکي جو مون ۾
۽ مڪ ان جي دون ۾
مان ساز ڇا وڄائيان
مان پاڻ ان جو ناهيان

جو قوم جو نہ ديس جو
نہ ديس جو نہ ويس جو
نہ سچو قيدي ڪيس جو
هو حقي ۽ ڪيس جو
ان سان ڇا رهائيان
مان پاڻ ان جو ناهيان

جو قوم جو نہ يار ٿئي
نہ سڏ ۾ جو تيار ٿئي
نہ قومي جانثار ٿئي
نہ سنڌ لاءِ بهار ٿئي
۽ غير لاءِ قرار ٿئي
۽ نيڻ انجو نار ٿئي
مان ڪونہ انکي ڳائيان
مان پاڻ ان جو ناهيان

جو ڌارين کي چاهي ٿو
جو ڪورٽن ۾ باهي ٿو
نہ قوم سان ئي راهي ٿو
نہ پاڪستان ڍاهي ٿو
مان ان سان ”ارڏو“ آهيان
مان پاڻ ان جو ناهيان

# سنڌ جو سج

سن جي سج کان رِيس تارا ڪرن
گورن کان پوءِ هاڻي ڪارا ڪرن

چنڊ چانڊوڪي چاهي ڪرين ڪيتري
ڪين منظور ٿا سن وارا ڪرن...

سنڌ جو سج اپريو جڏهن سن کان
تڏهن کان ٿا ڦورو ڪنارا ڪرن..

فلسطين ڏي سڀ نهاري ڏسو
غداري ڪيئن قوم وارا ڪرن...

ڪڏهن کان وٺون ها آزادي مگر
اسان سان ٻه پنهنجا ٿا پيارا ڪرن..

”ارڏا“ انهن کي سجاڻي چڙيو
جيڪي پاڻ ۾ پيا اشارا ڪرن..

# حسيني

ظالم ۽ مظلوم گڏجي نہ رهندا
جڏهن ظلم ٿيندا تڏهن عَلَمَ کڻندا
سدا حق خاطر هو وڙهيا ۽ وڙهندا
حسيني ڏيندا سر نڪي هٿ ڏيندا
حسينين جو جيڪو طرفدار آهي
اهو منهنجو سائين ۽ مهندار آهي.

حسينين جي تاريخ کي ڏس ورائي
منصورؔ سرمد ويا سر ڦرائي
عنايت جي سر کي مغل ٿو گهُرائي
بلاول کي ارغون گهاڻي پيڙائي
حق ساڻ باطل جو تڪرار آهي
اهڙن جي بيعت کان انڪار آهي

وڏي ويا وڏي ويا يزيدن جا ٽولا
ڪرن ٿا حسينين جي هرجاءِ ڳولا
گهمن ڳوٺ واهڻ سدائين ٿا پولا
وسائن ٿا معصوم ٻچڙن تي گولا
مفتي ۽ حاڪم جي تلوار آهي.
گڏيل حسينين مٿان وار آهي.

رڳو ڪين ماتم ڪري ويھ سائين

يزيدن سان پريل آهي ڏيھ سائين
تکي کات کي ڏي اجا ريھ سائين
متان خيال کي کو ڏئين نيھ سائين
عاجز جو ”ارڏائي“ اظهار آهي،
ڏسان کنهن کي انکار اقرار آهي.

# باه مچايون

ڪوٺ امر جو ڪيري، ڪيري
مارئي کي آزاد ڪريون

عزت ڪان وڌ مال نہ آهي
گهوريون سڀ ڪُجھ توري توري...

وڙهي انهن سان هاٺي هاٺي،
ڪنڌ چڙيون سڀ ڪوري، ڪوري...

مارون گڏجي لڄ بچايون
جان ڏيون سڀ گهوري، گهوري...

ماٺ ڪري ڇو وينا آهيون
چنگ ڏسون هي چوري، چوري...

آڻ نہ مڃبي دشمن اڳيان
ڦاهي ڏي پل ڦيري، ڦيري....

”ارڏا“ هاٺي باھ مچايون
ڪانيون سڀ سوري سوري...

# آزادي

ڪريون کھڙيون خوشيون هاڻي ڏسي هرجاءِ بربادي
اسانکي گھُرجي آزادي _ اسانکي گھُرجي آزادي

قلم تي آ قلم لاڳو، زبان ڪوليان زبان قابو
پيا مهراڻ ۾ واڳون ، مڇين سان سي ڪرن تعدي

دوست آهن گونگا ٻوڙي، ۽ دشمن وات ڦاتوڙا
ڪائن حقدار سو ڪورڙا، ڪوڙا سچن تي فريادي...

نہ ڪن تسليم هي ٻولي، وڻي تن ڪي نہ هي لولي
چئو هٽندي سڌي گولي، ڇڏيو مهراڻ جي وادي...

ڦرن ٿا گھر جي ايراضي، گھرون جي حق تہ ناراضي
ڇمڇئہ خور ٿيا قاضي، اسان سان ڪن ٿا بيدادي...

جن کي گھر نہ ھئا ھند ۾، اھي مالڪ ٿيا سنڌ ۾
سنڌي ويچارا سڀ بند ۾، ٻگن جي ھٿ آئي گادي

”ارڏي“ جو عرض آھي، تڙائڻ غير فرض آھي
ڪھڙو انھن جو قرض آھي، ساڙيون انھن جي آبادي...

# گهاٽو

قوم پرست سنڌين سان هر وقت گذارڻ چاهيان ٿو،
پياريءَ سنڌ جي خاطر مان اڄ جيل ۾ گهارڻ چاهيان ٿو.

سنڌ سان جن جن ظلم ڪيو، اڄ بخش انهن کي ڪو نه ڪبو،
هر ويريءَ کي، هر ظالم کي مان ڳولهي مارڻ چاهيان ٿو.

هر هوشوءَ کي هر هيمونءَ کي، هر هر ٿو سڏيان هر سنڌيءَ کي،
اڄ آزاديءَ جي خاطر مان ڪو ٻارڻ، ٻارڻ چاهيان ٿو.

سو ظالم آ، جو ظلم سهي، هي قول سياڻي جو آهي.
تسليم ڪندي ان ڳالھ کي مان ڪو جوش اپارڻ چاهيان ٿو.

هر سنڌيءَ کي مظلوم سڏيان، مسڪين سڏيان ڪو شڪ ناهي،
انهن جي زبان کي ڪولڻ لئه، ڪو وارو وارڻ چاهيان ٿو.

مارئي وانگر محل ڏڪاري، مارن سان آزاد رهان،
قيد اندر ڪو عيش نه گھُرجي، ٻڪريون چارڻ چاهيان ٿو.

هٿ ڏارين ڏاڍو تنگ ڪيو آ ديس کي هر حالت ۾،
ديس پنهنجي کان ڏارين کي، جلدي مان اٿارڻ چاهيان ٿو.

جن پيڙيو هو مخدوم بلاول بخش انهن کي ڪيئن ڪيان
”ارڏو“ ٿو مان ان گهاٽي جو لوھ پگھارڻ چاهيان ٿو.

# منشور

**قوم پرستي**

**ٻڌي قوم جي ٿا اسان چاهيون**
**ونڊي ديس ٻيهر اسان ناهيون**
**لکي ٻولي سنڌي ۽ ڳالهائيون**
**ترانو پنهنجي ديس جو ڳائيون**
**”سنڌو ديش“ جو هيءُ منشور آ**
**هلي اچ اگر توکي منظور آ.**

**سماج واديت**

**آزاد ٿيندو جڏهن سنڌ گهر**
**سنڌين جو ٿيندو راڄ سنڌ جي اندر**
**ٿيندا خوش مسڪين ۽ ٻي شهر**
**واهڻ ڦري ٿيندا سهڻا شهر**
**هتي ڪيڙي ڪائي سو دستور آ**
**هلي اچ اگر توکي منظور آ.**

**مذهبي رواداري**

**سياست سان مذهب هلايون نہ هرگز**
**وڙهي مذهبن تي ڪلايون نہ هرگز**
**نفرت سان سينو جلايون نہ هرگز**
**ايمان پنهنجو رلايون نہ هرگز**
**نہ ڪو جهيڙو جهڳڙو نہ رنجور آ**
**هلي اچ اگر توکي منظور آ**

# لوڪ راڄ

سياست جمهوريت تي آهي رڪيل
نہ ڪي شهنشاهي جو هوندو دخل
هي تنظيم سنڌين لئہ آهي ڪليل
ڪيون چئن نقطن مٿان سڀ عمل
سدا ”ارڏو“ سيد جو مشڪور آ
هلي اچ اگر توکي منظور آ.

# اليڪشن

نہ اصغرؔ وڏيروؔ نہ ملا مزاري
طلب تنهنجي آهي ڪري قوم پياري

رلي ديس واسي سنڌي وياس سپيئي
اڇو تن جي خاطر ڪيون جنگ جاريؔ

ڪري ووٽ سياست وڃائي سون رياست
ڏيڻ تا اڇن وري سهي ٻُهاري

اليڪشن اليڪشن مچيل شور هرجا
اها باھ سمجهو پنجابن آ ٻاري

اسان جي حقن لئہ اليڪشن نہ ٿئي ٿي
پنجابن جي خاطر ڪرن ٿا تياري

پٽو جيل مان پيو چوي ڪيو اليڪشن
حڪومت کي انوقت هئي ٻي بيماري

ٻڌايو سنڌين کي ڪڏهن حق مليا؟
ڪٽي هڪ سنڌي پوءِ ڦاسي ڏياري

اجا جي سنڌي ٽا پنجابن کي چاهن
اها قوم سان آ سڌي سنئين غداري

سنڌي سڀ ملي پاڻ ۾ هڪ ٿيون
ڇڏي ڏيون پاڪستاني ڪرسيءَ جي ياري

سولي سنڌيءَ ۾ هي سمجهو سڀيئي
اهي ووٽ ونندڙ اٿوَ سَڀ مداري

ڏئي مطلبن کي ”ارڏا“ ووٽ پنهنجو
ڪڍين شل نہ هن قوم جي هي خواري.

# پڻائي

جيڪو پنهنجن کي مارائي
ٻارڻ پنهنجن تي ٻارائي
تن کي زنجيرون پارائي
مارون مارن کي کارائي
تن جو يار پڻائي ناهي
تن جو يار پڻائي ناهي

غيرن سان جو پيار ڪري ٿو
پنهنجن کي جو ڌار ڪري ٿو
غلطيون هو هروار ڪري ٿو
”صادق“ جهڙي ڪار ڪري ٿو
تن جو يار پڻائي ناهي
تن جو يار پڻائي ناهي

شاهه پڻائيءَ جي هي ٻولي
سادي سنڌي سهڻي سولي
ميٺڻ چاهي جيڪا ٿُلي
جيڪي تن کي هٿن نه گولي
تن جو يار پڻائي ناهي
تن جو يار پڻائي ناهي

جيڪي سنڌي ڪين ڳالهائن
شاهه جي ورسي ڪين ملهائن
سيڻ سنڌيءَ "ارڏن" جا ناهن
موهن جون ديوارون ڊاهن
تن جو يار پڻائي ناهي
تن جو يار پڻائي ناهي

# منهنجي ٻولي

ڪي ڪي سمجهن منهنجي ٻولي
جيڪي سمجهن تن لئہ سولي
ڪن لاءِ سولي ڪن لاءِ اولي
ڪن لاءِ گل تہ ڪن لاءِ گولي
جنهن ۾ ماءُ ڏني آ لولي
ڪيئن وساريان ماءُ جي جهولي

# وڏايون قدم

هميشہ همت سان وڏايون قدم
غم کي ڏيئي غم کيون غم ختم
تڙي غير گهر کان ختم کيون ستم
هلون هم قدم ٿي کڻي هڪ عَلم

رکون جوش جذبو رکي دل صفا
کريون قوم پنهنجي سان هردم وفا
صدا ساهہ صدقي کريون سئو دفعا
نہ گهرجن ٿيون ڳالهيون مگر گهرجي کَم..

جيڪو عيش عشرت ۾ هردم گذاري
اهو پاڻ روئي ۽ پويان روئاري
ويو وقت هر کنهن کي هرهر پڪاري
اٿي قوم سا سور جو کر ملم..

ڳوٺن ۾ پکڙي وڃون عام جام
پڙهون کي مقالا پڙهون کي کلام
آزاد ٿيا ايئن دنيا جا غلام
اي ”ارڏا“ اهي کم کريون دمبدم..

# مھمان نوازي

بي گھر کي پنھنجو گھر ڏئي ـ پاڻ بي گھر ٿي ويس
بي در کي پنھنجو در ڏئي ـ پاڻ بي در ٿي ويس
بي زر کي پنھنجو ذر ڏئي ـ پاڻ بي ذر ٿي ويس

بي کٽ پنھنجي کٽ ڏئي ـ پاڻ بي کٽ ٿي ويس
بي پَٽ کي پنھنجو پَٽ ڏئي ـ پاڻ بي پٽ ٿي ويس
بي تَرَ کي پنھنجو تَرُ ڏئي ـ پاڻ بي تَرُ ٿي ويس

بي دل کي دل سان دل ڏئي ـ پاڻ دل وارو ڪيم
بي گل کي گل سان گل ڏئي ـ پاڻ گل وارو ڪيم
بي پر کي ”ارڏا“ پر ڏئي ـ پاڻ بي پر ٿي ويس
پاڻ بي گھر ٿي ويس

# ويچار

وکر وکر ڏارون ڏار
ڪهڙي شيءَ تي ڪريون ويچار..؟

پهريائين پنهنجي قوم سنپاريون
پنهنجي پنهنجي مان کي ماريون
پوءِ اتي کو ٻارڻ ٻاريون
ائين نہ هلندي قوم ڪار...

ڏار رهن ٿا سياستدان
ويجها ڪين ورن ٿا خان
سڏي سيد ٿو سلطان
گڏجڻ لاءِ خالي اقرار...

گڏجڻ ۾ ٿا ڪن چالاڪي
پٽر ـ پليجو ۽ ساقي
وات ۾ واعدو هٿ ۾ پاڪي
ٻڌجن ٿا ههڙا مڪار..

هيڏي هوڏي سنڌي ساڳيو
هرڪو پاڻ سڏائي ياڳيو

چور تڙڻ لاءِ ڪير آ جاڳيو
هڪڙو جي_ايم ٿيو نروار..

آفيسر به ڌار رهن ٿا
هردم هو بيزار رهن ٿا
پئسن لاءِ بيمار رهن ٿا
مسڪينن سان آ تڪرار..

پير به سنڌي مير به سنڌي
ڪن ٿا ڪين اسان سان ٻڌي
اکين ۾ اٿن عينڪ انڌي
ڌارين تن ڪان ڪيو انڪار..

ڏندي ڪان ٿا ڪنڌ لڪائن
طوق غلاميءَ جو ٿا پائن
چڙهندي پاسي ٿا واجهائن
ڏندي واري سان ڪن پيار..

ملڪي سياست ۾ گهمسان
ڊوهه سان نهيو پاڪستان
هن جي ٽٽڻ جو امڪان
بروچ _ سنڌي ٿيا بيزار...

ڪي ڪي ارڏا ڌار ٿا چاهن

ڪي ڪي ارڏا پليون ڏاهن
ڪي ڪي ارڏا گوليون ٺاهن
ارڏن جو آ ”ارڏو“ يار...

# ڪپڙو ناهي

حال پڇين ٿو چا _ چا ٿو پڇين حال
سال ويو منهنجو _ منهنجو ويو سال

سوچيان وينو هيئن _ هيئن وينو سوچيان
وال ناهي ڪپڙو _ ڪپڙو ناهي وال...

عيد آهي ويجهو، ويجهي آهي عيد
خال پريندو ڪير، ڪير پريندو خال..

گاڏي نڪي ڏاند، ڏاند نہ ڪي گاڏي،
جنجال ٿيو جيئڻ، جيئڻ ٿيو جنجال.

سنڌي ٿين ارڏا، ”ارڏا“ ٿين سنڌي
خيال ڪرن هاڻي، هاڻي ڪرن خيال.

# ديسي چٽا

چرڻ ڏاڍي جي چڪيءَ سان چٽا سڀ پيسجي ويندا
نہ رهندو ديس ۾ داڻو، نہ ڪي پيدا وري ٿيندا.

انهيءَ لاءِ سڀ چٽا گڏجي، اهڙو ڪو ڳولهيون
ظلم ظالم شروع ڪيو آ، آخر چڪي ۾ سڀ ايندا..

خدارا سڀ چٽا گڏ ٿيون، ڏسو ڪنهن ٿو پيسي
بڏيءَ وارا دائم، قائم رهيا جيئرا پيا جيئندا.

اڪيلي سر تہ هاڻي هو هرڪنهن کي آسانيءَ سان پيسيندا
هو مارڻ لاءِ آيا آهن، هو ماريندا ۽ ڳاريندا

چٽن کي ٿو چوي "ارڏو" مجو منهنجي اشاري کي
هتي اتفاق ۽ اتحاد سان تنهنجا نشان رهندا.

# وڪرو

ٻين جاين تي ست جو وڪرو
هت ٿئي ٿو رت جو وڪرو

ٻين جاين تي نفرت جو وڪرو
هت ٿئي ٿو محبت جو وڪرو

ٻين جاين تي مال جو وڪرو
هت ٿئي ٿو ٻال جو وڪرو

ٻين جاين تي ڪلفت وڪرو
هت ٿئي ٿِي الفت وڪرو

ٻين جاين تي جام جو وڪرو
هت غريب عوام جو وڪرو

ٻين جاين تي تير جو وڪرو
هت ملان ۽ پير جو وڪرو

ٻين جاين تي اميري وڪرو
هت ٿئي ٿي وزيري وڪرو

ٻين جاين تي جرسي وڪرو
هتي ٿئي ڪرسي وڪرو

ٻين جاين تي گولي وڪرو
هت اسانجي ٻولي وڪرو

ٻين جاين تي پولي وڪرو
هت سياسي ٽولي وڪرو

ٻين ڪيو جيئن خُلق جو وڪرو
تيئن هتي ٿيو ملڪ جو وڪرو.

# وفادار ڏِس

ڪري غور ويچار اي يار ڏس
نندا پنهنجي محلي جا ڪي ٻار ڏس

قبيلن ۾ هڪ ٻئي جا ناهن قريب
رهن ٿا هرگز اهي ڌار ڏس

ڪڏهن ٻه ڪٺي پاڻ ۾ ٿا رسن
رسي جلد پرچڻ جا آثار ڏس

ٻين وٽ نه ٿا ڪن وڃي فيصلا
ڪندي پاڻ ۾ عهدا اقرار ڏس

ڪرن راند پلجي ته هو غير سان
اهي ٻار پيارا سمجهدار ڏس

ملي پاڻ ۾ گهر مٽيءَ جا ٺاهن
مٽيءَ سان ڪرڻ پيار هروار ڏس

متيءَ جي گهرن کي ٻئي ڪنهن بہ ڏاهيو
ڏين سيپ انهيءَ کي چڱي مار ڏس

ٻارن کان ”ارڏا“ سبق وٺ پرائي
انهيءَ ڪسوٽي سان وفادار ڏس.

# سنڌي سي۔ آءِ۔ ڊي

جيئن چپ چوريان، لکي وٺ لکي وٺ
ڏاڍيان يا هوريان، لکي وٺ لکي وٺ

اي سنڌي سي.آءِ ڊي ڪرين ٿو تہ ڏاڍي
کهڙي ڳالهہ توريان، لکي وٺ لکي وٺ

ڪنهن کان لڪايان، ڪنهن کي لڪايان
ڪنهن سان حال اوريان، لکي وٺ لکي وٺ..

ساڳي قوم تنهنجي، ساڳي قوم  منهنجي
فقط سر مان گهوريان، لکي وٺ لکي وٺ..

جي ايم نظربند، ان سان سڄي سنڌ
اڃا ڪنڌ نہ ڪوريان، لکي وٺ لکي وٺ..

ڇڏي نوڪري هي، اڃل ٺوڪري هي
اڃا پتر پوريان، لکي وٺ لکي وٺ..

آزاديءَ جي خاطر، وڃي آءُ گهر گهر
اهو چنگ چوريان، لکي وٽ لکي وٽ..

مان ”ارڏو“ سڏايان، ٿو توکي ٻڌايان
وينو باهه سوريان، لکي وٽ لکي وٽ..

# جي_ايم سائين

جيڪو بہ انسان امر انهيءَ جي
جيئي مري يا اٿي ۽ ويهي
اهو انهيءَ جو مجازي مالڪ
اهو انهيءَ جو حقيقي خالق
انهيءَ کي سجدو ڪري سدائين
اهو انهيءَ جو صنم ۽ سائين
اسان جو سائينءَ مثال آهين،
جي_ايم سائين، جي_ايم سائين.

صنم ۽ سائين سيد کي ڄاڻي
فڪر انهيءَ تي هاڻي جو هاڻي
پلي کو دشمن پيڙائي گهاڻي
چوان نہ تنهن کي پيڙي سپاڻي
قران وعدي تان منهنجي نہ لائين.
جي_ايم سائين، جي_ايم سائين.

عبادت سان جنت پرستي...
رياضتن سان دنيا جي وستي
جيئن سين ۾ هڪڙي هستي
دنيا جي وستين ۾ قومپرستي

اهائي آهي خدا پرستي
انهيءَ سان آهي ناتو الستي
اهو ئي ناتو اجا نڀائين
جي_ايم سائين، جي_ايم سائين.

ازم طريقا انسان ناهيا
قانون ڪيئي ناهيا ۽ ڊاهيا
مائو ۽ لينن ٺيا پنهنجن لئہ
اسان ڀلا ڇو ٺيون انهن لئہ؟
انهن چڱن جا چڱا ڪي نقطا
انهن مان چونڊي ڪيا تو پختا
پنهنجا تجربا نقطا مائي
انهيءَ تي پنهنجي تحريڪ ٺاهي
سوچي ۽ سمجهي پيو هلائين
جي_ايم سائين، جي_ايم سائين.

ڀري ڪان ٻڌندي سڏين تو ڪافر..!
اکرن ۾ اڙيل علامہ ڦر_ڦر
ٻڌي ڏسي ۽ ويچار ڪريو
ملي انهيءَ سان پوءِ ڏيان ڌريو
پڇيوس ڇا تو سيد سڏائين
جي_ايم سائين، جي_ايم سائين.

سيد جا پختا خيال آهن

انهيءَ لئہ پختا مثال آهن
ملڻ کان دشمن ٽٽائن پيا
انهيءَ لاءِ راهو مٽائن پيا
جيڪي چوي ٿو اهو ٿئي ٿو
عظيم جي_ايم ازم ڏئي ٿو
انهيءَ عزم تي ”ارڏا“ ٿيون ٿا
جيئي سنڌو ديش اسان چئون ٿا
عظيم سنڌ کي عظيم ٿاهين
جي_ايم سائين، جي_ايم سائين.

# سنڌ ڌرتي

سنڌ ڌرتي تي سڌي هر سنڌ جي حبدار کي
سر ڏيئي سرها ٿيو ۽ پاڙيو اقرار کي
هت پنجابي ۽ بهاري روز ايندا ٿا وڃن
ڪارخانا ۽ زمينون سڀ کسيندا ٿا وڃن
جيل ۽ ڪوڙا لڳن ٿا هر سنڌي بيدار کي...

دورِ انگريزن ۾ هتڙي هڪ پنجابي ڪونہ هو
شهر ۾ فوجي پنجابي ڪو شرابي ڪونہ هو
اڄ سوين دفتر لڳائيندي ٿو ڏسان مردار کي..

ملڪ پاڪستان بڻيو ڏس پنجابن جي ڪري
غير سنڌي، سنڌڙيءَ کان ويا پيٽ ڀري
حق چوڻ تي ٿا چون اڄ مار فتنيدار کي...

وئي ڪراچيءَ جي ڪمائي سڪ بندر لاهور ۾
گڏو ٿرمل جون آفيسون ڏس اندر لاهور ۾
تون اجا ناهي سڃاتو ڪنهن پنجابي ٻار کي..

سڀ ڦري ويا سنڌ کي اسلام جي ئي آڙ ۾
۽ اليڪشن جي بهاني سون نيئن ٿا گهاڙ ۾

ڪونہ رهنداسون پنجابن سان چئو مڪار کي..

جيسين هوندا ڏاريا هٿ ڪونہ ملندو ڪو ازم
چاهي سوشلزم اچي، هو ٿئي جمهوريت جان ختم
ملڪ جي صحت ختم ٿي ڇا ڪندو بيمار کي..

اڄ سنڌي "ارڏا" سيئي پاڻ ۾ سڀ هڪ ٿيون
جي بچايون سنڌ کي تان سنڌ تي سڀ سر ڏيون
هڪڙي گوليءَ سان نشان ڪيون غير کي غدار کي..

# انسان

منهنجو دينُ ڌرمُ ايمان
آهي انسان ئي انسان

جڏهن ڪونہ هيو انسان
تڏهن ڌرتي هُئي ويران
تڏهن راڄ نڪو سلطان
تڏهن گهر نڪو مهمان
ٿيو جيئن آدم جو اعلان
ناهيا آدم شهر مڪان..

آدم مٽيءَ مان ڄائيو
سجدو آدم کي آئيو
شيطان بدلايو رايو
هرڪنهن لعنت سان ڳايو
پانيڻ ملان ڪرڪو ڏيان
انسان دنيا منجهہ مهان

جنهن لاءِ ڌرتي ۽ آسمان
جنهن لاءِ الهامي ايمان
جنهن لاءِ نبين جا فرمان

جنهن لاءِ گيتا ۽ قرآن
آهي انسان ۾ رحمان
آهي انسان ۾ ڀڳوان

هر ٻنين ۾ ڪاهيا آدم
ميوا تن ۾ راهيا آدم
ديرا ناهي ڳاهيا آدم
مندر_مسجد ناهيا آدم
آدم جو آ اعليٰ شان
ان ۾ ناهي وهم و گمان..

پيارا ميمبر ٿيا انسان
پيارا ليڊر ٿيا انسان
پيارا مقرر ٿيا انسان
پيارا رهبر ٿيا انسان
ڪنهن جو مظهر آ انسان
انسان "ارڏي" جو عنوان.

# اچي ملو

اچو اي دوستو اچو
اچي ملو ۽ اچي ملو
اجا پيو سڏيان
اجا پيو سڏيان

اٿو اٿو اي ساٿيو
ڪا درد جي دوا ڪيو
وجود کي بچائيو
۽ قوم سان نڀاهيو
سج نيزي پانڌ آ
۽ اس ٻر ڪو باند آ
اچو اهو ڇڏائيون
۽ اس کان بچائيون
ٻه چار ٻول ٻوليو
زبان پنهنجي کوليو
اجا پيو سڏيان
اجا پيو سڏيان

هي گهٽ آ ٻوسات آ
۽ باهه جهڙي لاٽ آ

ڪانءِ ٻي ڪا واٽ آ
اڳيان هي جيل گهاٽ آ
جيل گهاٽ ٽوڙيو
ڪڙي ڪڙي مروڙيو
اچو اچو "ارڏا" اچو
ڪيون ڪو غيرن لاءِ ڏچو
اجا پيو سڏيان
اجا پيو سڏيان

# بحث نہ آ

کو بحث نہ آ، تکرار نہ آ، کا جيت نہ آ، کا هار نہ آ.
هت هرکو آهي خطري ۾، اقرار آهي انکار نہ آ

هت مير آحن، هت پير آهن، هت سڀ جا سڀ اسير آهن
هت دليون سڀ دلگير آهن، هت هرڪوئي لاچار نہ آ..؟

هت ٽڪا ٽوپي پائي ويو، هت اصغر ٻول ٻڌائي ويو
هت هرڪوئي ويڙهائي ويو، سڀ سمجهون ٿا ڪو ٻار نہ آ

هت پاڻ ۾ ڪو اتحاد ڪيون، هت ڌارئي ڪي ڇو ياد ڪيون
هت ديس پنهنجو آزاد ڪيون، ڇا سيني لاءِ آزار نہ آ..؟

هت قيدي هرهڪ فرد آهي، هت باندي عورت مرد آهي
هت هيڏو قومي درد آهي، ڇا هر سنڌي بيدار نہ آ؟؟

نہ صبوح آهي نہ شام آهي، نہ خاص آهي نہ عام آهي،
هت هر سنڌي غلام آهي، هت سنڌي خودمختيار نہ آ.

هت جڏهن ڌاريو آيو آ، تنهن ڪيڏو قهر مچايو آ
هن ڪيئن ملڪ بڻايو آ، ڇا دوکي جي ديوار نہ آ؟؟

هت دشمن پنهنجو غير آهي، ۽ ان سان پنهنجو وير آهي
هر سنڌيءَ سان انڌير آهي، هت روز نئين ڦر مار نہ ؟؟

جي سنڌي آن تان ”ارڏو“ ٿيءُ ، گوريلو ٿي مر ۽ جيءُ
آ پيارا جام شهادت پيءُ، پوءِ تو جهڙو ڪو يار نہ آ..

# باغي ٿيان ٿو

هٿن ۾ ڪڙيون، زبان تي تالا
اشارا ڏيندي ڪٽان ٿو تالا
اسانجا دشمن اسانجا ويري
حق ڪٿيءَ سان ڏين ٿا ڦيري
سادا توادا اچن ٿا چوري
سپئي گڏجي ڪريون ڍيري
اشارا سمجھو، اشارا ڄاڻو
پنھنجا پراوا سيئي سڃاڻو
چارڻ ٿي سرندو وڄائيان ٿو
ٻيھر ٻيجل کي ٻاڏائيان ٿو

اسان لئہ ڦاھي ۽ جيل آھي
اسان لئہ ھردم اويل آھي
قلم تي لاڳو قلم ڏسين ٿو
چپي چپي تي ٿاڻن تي ٿاڻا
گھرايا دشمن اسان لئہ گھاٽا
صرف انھيءَ لئہ قبوليو بيعت
ساڳي حسينيت ساڳي يزيديت
اھا نہ بيعت قبوليان ٿو
باغي ٿيان ٿو، باغي ٿيان ٿ.

اڇو تہ ٻيون ۽ ٻارا ڇڏيائون
اڇو تہ پنهنجا پيارا ڇڏيائون
ميڇي ٻہ مرڪز وارا ڪٽي ويا
ساري ڪمائي ڪارا ڪٽي ويا
گڊو ڪالوني ڏهرڪي اندر
انهن ڪي ڪيئي نهي مليا گهر
اسان تہ گهر هوندي آهيون بي گهر
ڌڪا ۽ ٺاٻا اسانڪي در در
انهيءَ لئہ تن ڪي نہ چاهيان ٿو
دوڪي ديوار ڊاهيان ٿو

نسورو ناحق اسان سان آهي
شل نہ هتڙي ڪو حق ٻڌائي
اسانجي ٻولي سمجهن نہ ڪارا
سي_آءِ_ڊي پنهنجا ڪرن ٿيا پيارا
ٿين وجي پل اهي سوپارا
اسانجا ظاهر اٿيئي نعرا
اسان تہ پنهنجن ڪي چاهيون ٿا
اسان تہ ڌاريا پڄائيون ٿا
پنهنجن ڪي سپ ڪُجهہ سمجهائيان ٿو
انهيءَ لئہ هي شعر ناهيان ٿو

اسانجا ڊاڪٽر پيا نهارن

اسانجا انجنيئر گھر گذارن
اسانجي مزدور کي رلائين
مشينون پنھنجون پيا ھلائن
ڪٽان جا ڏاريا اچي تا ڪاھن
حقن جي خاطر رڙي رڙي
ملي ٿي آخر ۾ ھٿ ڪڙي
انھيءَ لئہ ”ارڏو“ سڏائيان ٿو
ازل جو ناتو نڀايان ٿو.

# غلام ڪيئن آهيون

مال پاڻ ڌارويِن، مال پاڻ چاريون
اسانجون پوکون پياريون، ڪپهه ۽ ڪٽڪ ساريون
تڏهن بہ حق ناهہ هي، رقم اسان ڪري سگهون
هي حق مرڪزي آحي، اوڏانهن پيا نهاريون،
مرڪزي پنجابي ٿيا، انهن کي چا پکاريون
انهن جو خيال آهي هي، تہ سنڌ کي ٻهاريون
سنڌ جا سيئي سنڌي، ٻکن ڏکن ۾ ماريون
ڪيترو انهن اڳيان، غلام ٿي گذاريون؟
اجا بہ ٿا چئو پيا، اسان غلام ناهيون؟
اجا بہ ٿو ٻڌائيان، غلام ڪيئن آهيون.

سنڌ جي سرزمين چا، هي سنڌين جي ڪونہ آ؟
هتان جا هاري سڀ مئا، ڪٿان جا آيا ڌاريا؟
زمين سنڌ جي گهٽي، بچي اسان لئہ ڪانہ ڪا
اسان تہ هڪ جريب تي، ٿي پاڻ ۾ وڙهون پيا
زمين ڪنهن بہ قوم کان، جي ڌاريا کسي ويا

اهي دنيا ۾ دوستو، غلام ٿيا، غلام ٿيا
اسان ٿا حق چاهيون، ڪرن ٿا هو تباهيون
اسان جي لاءِ ٺاهيون، هي جيل گهاٽ ڦاهيون
اجا بہ ٿا چئو پيا، اسان غلام ناهيون
اجا بہ ٿو ٻڌائيان، غلام ڪيئن آهيون

هي ملڪ پاڪ آستان، ڪونہ رهيو آ ادا
هي ملڪ ٿيو ناپاڪ آ، ۽ هت ٿئي ٿو ڇانہ ڇا
هن آ پيشاهي ظلمت هت، دين سڀ بدنام ڪيا
هي ڦٽڪا ڪوڙا، مارشلا، ۽ ڪوڙا دعوا دين جا
هن بنگالي ۽ بلوچ، ڪيئي سنڌي ماريا
هي حق سڀ کسي ويا، هي ويري قوم جا ٿيا
قرآن ڏيئي وچ ۾، اسان سان هو وڙهي ويا
ظلم سنڌ سان ڏسو، ڪتان جا آيا ڌاريا
مهمان هاڻي ميزبان سان، ڏس تہ ڪيئن وڙهن پيا
ڏسو ڏسو هي سنڌ ۾، ئي ڪيترا نہ ڪيس ٿا
گهر اڳيان ڪندبن واري، اجا بہ وڻ کي ڏاهيون
اجا بہ ڏوهہ آ اسان ڏي، وينا سينو ساهيون
اجا بہ ٿا چئو پيا، اسان غلام ناهيون؟
اجا بہ تو ٻڌائيان، غلام ڪيئن آهيون.

مجيب ملڪ ڌار ڪيو، جي_ايم جيل ۾ پيو،
پٽو پلا ڪيئن مئو، ڪنهن کي ڏوهہ ٿا ڏيو
جي_ايم صاف آ چيو، وقار ووٽ جو ويو

اجا بہ ٿئي ظلم ٻيو؟ سيئي سنڌي ”ارڏا“ ٿيو
اڇن ٿا سنڌ ڪاھيون، وڃن ٿا سون لاھيون
گھرن ڪي ڏين ٿا باھيون، وڃن ٿا لاش ڳاھيون
اجا بہ چئو پيا، اسان غلام ناھيون؟
اجا بہ ٿو ٻڌائيان، غلام ڪيئن آھيون

ڪنڊ ڪپھ لوھ جون، مشينون آھن ڪيتريون
اسان ڪي تن ۾ ڪونہ ٿيون، ملن ڏسو ھي نوڪريون
پنجاب لئہ آفيس جون، ڪليل سدائين در دريون
پنجابي ڀرتي ٿي ويا، ھي زال، مرد ڇوڪريون
مزدور بہ اتان جا ٿيا، ڪڍن ٿا جيڪي ٽوڪريون
غير سنڌي سنڌ ڪان، وڃن ٿا گاڏيون ڀريون
اسان گھرايا ڪين ڪي، ھو زور سان وڃن ڦريون
اجا بہ ڀائي ڀائي ڪيئن، مزدور ڪي اسان ڪريون
ڌارئي مزدور ڪي اسان، سنڌي نہ ٿا جي چاھيون
سنڌ مزدور جي گھر ڪي، ڏين ٿا روز باھيون
اجا بہ ٿا چئو پيا، اسان غلام ناھيون؟
اجا بہ ٿو ٻڌائيان، غلام ڪيئن آھيون.

واپار اگھ پار تي، پنجاب جو آ چوڌري،
زمين ڪارخاني تي، پنجابي ٿا اچن وري،
ايئن اچن ٿا ڏوڪريون تي، جيئن اچن ڳجھون ڦري
سول سروس نوڪري تي، مٿان نظر ٿئي سرسري
چپي چپي زمين تي، ويھي ويا سري سري

جمهوريت ۽ ووٽ سان، ملندي ڪانہ ڪا ذري
حق ڪونہ ڪنهن ورتو آ، سامراج ڪان گهري،
موذي مرض ويو وڌي، دوا ڪا جلد ناهيون
آزاد ٿيڻ چاهيون، تہ پاڪستان ڊاهيون
اجا بہ ٿا چئو پيا، اسان غلام ناهيون؟
اجا بہ ٿو ٻڌائيان، غلام ڪيئن آهيون

# رهبر ڇا ٿو چئي

هي سنڌي قوم جو رهبر، ٿو سنڌي ليڊر چئي،
جي گهرجي ڪنهن کي ليڊرشپ، نہ آ اعتراض ٿئي،
اچي هن قوم پنهنجي تي، سدا سر ساھ گهوري ڏي،
سيئي پيڙجون ٽا پيا، ڏسو هر مرد عورت کي

مان سنڌي قوم کي سکيو ٿو اکين سان ڏسڻ چاهيان
ٻيو ڪو بحث ڪونهي ڪو ۽ تڪراري اصل ناهيان

سنڌيءَ سان سنڌيءَ جو ڀلا تڪرار ڇو آهي؟
سدا اتفاق ۽ اتحاد لئہ انڪار ڇو آهي؟
نٿو سمجهين تون اي سنڌي گرم بازار ڇو آهي؟
اسان کي ڌار رکڻ لئہ اهو آزار ڇو آهي؟

ڪنهن جي هي شرارت آ، ڪو سمجهائي يا سمجهايان
شرارت سامراجي آ، ۽ پنهنجن کان نٿو پائيان

نہ ڪو پليجو صاحب آ، نڪوئي ڄام ساقي آ
نڪو ارباب صاحب آ، نڪو پٽر ئي باقي آ
هتي ڏس تاج جويو آ، هتي ڏس ياءُ خاڪي آ
ادا خاڪي نٿو سمجهين، وهايل ڪنهنجي پاڪي آ

نہ روسي هان نہ چيني هان، مان پارٽين ۾ ورهايل هان
نٿو سمجهين تہ سنڌي قوم جو اتحاد ٿو ڊاهيان.

# اڳتي وڌڻ گهرجي

هاڻي تقرير ۽ تحرير کان اڳتي وڌڻ گهرجي
هاڻي تدبير سان تقدير کان اڳتي وڌڻ گهرجي
هاڻي دشمن جي هرهڪ تير کان اڳتي وڌڻ گهرجي
هاڻي قيد جي هر زنجير کان اڳتي وڌڻ گهرجي
اچو هن ديس کي ڌارين جي چنبي کان ڇڏايون
قلم تلوار کي هاڻي اچو گڏجي هلايون سڀ

ڪتابن جو ٻڌي ڪيڙو نہ ڪي ويهي رهڻ گهرجي
چوڻ منهنجو اهو آهي عمل ان تي ڪرڻ گهرجي
جتي مائوءِ جتي لينن ۽ گانڌي کي پڙهڻ گهرجي
اتي شباس چندربوس تي يارو وڙهڻ گهرجي
اچو شباس چندربوس جو اڄ ويس پايون سڀ
اچو انگريزن جي اولاد کي هاڻي ڀڄايون سڀ

ايستائين اهنسا جا پوڄاري هئا ڪيئي
جيستائين دشمن جي نہ گولين سان مئا ڪيئي
ڏسندي لاش اکين سان تشدد ڏي ويا ڪيئي

تڏهن تن ديس وارين سان اهڙا وعدا ڪيا ڪيئي
اسان جن سان ڪيا وعدا اهي وعدا نڀاهيون سڀ
ترانو ديس جو گولين جي گونجارن سان ڳايون سڀ

هاڻي توکي نہ هرگز وقت جي مهلت ڪرڻ گهرجي
پنهنجو حق دشمن کان هاڻي جلد ئي ڦرڻ گهرجي
چيو هڪ سنڌ جي سياڻي عمل ان تي ڪرڻ گهرجي
سيد ٿي رهڻ گهرجي ۽ هوشو ٿي مرڻ گهرجي
اڃو هي قيد ۽ زنجير وارو ملڪ ڊاهيون
اڃو سنڌي سيئي ”ارڏا“، هي سنڌوديش ٺاهيون سڀ

# خزان جو خاتمو

ويا ڪومائجي گلڙا چئو تا ڪيئن اي يارو!؟
”خزان جو خاتمون ٿي ويو، چمن ۾ تازگي آئي“.[1]

ڏسي وائسي اگر شاعر لڪائي قوم ڪان ڳالهيون
ائين چئجي تہ دشمن جي طرف ڪان سازگي آئي

مجان بہ هي سني مندآ مگر ايتن هوائن ڪان
اسان جي ديس لئہ يارو سدا ناراضگي آئي

بهارن ۾ خزان جهڙي ڏسي حالت چيو ”ارڏي“
ان لئہ ڪونہ خيالن ۾ بلند پروازگي آئي.

قطع

عجب مصرح طرح آهي سڄي سِٽ آهِ ايتر ۾
ائين چوندي ئي محفل ڪان سدا ناراضگي آئي
مگر ”ارڏا“ نياپو ٻُڌ، چون پيا قيد ۾ بلبل
اسانجي لئہ ڪٿ يارؤ چمن ۾ تازگي آئي.

[1] مصرح طرح: خزان جو خاتمو ٿي ويو چمن ۾ تازگي آئي،
صاحب طرح: اظهر گيلاني

# ٽربيونل

راجا ڏاهر کان اڄ تائين سينگاريل هي سوري آهي
سنڌي قوم جي اڳيان سور کيل رهيو معمولي آهي
سنڌڙيءَ جي تاريخ چوي ٿي ڪيئي ڏاريا ويا ۽ ويندا
ٿوڙي ڦاٽڪ جهڙا واقعا ڪيئي ٿيا ۽ ڪيئي ٿيندا
آئون اهوئي هوشو آهيان آئون اهو ئي هيمون آهيان
ڪين بيانن کي ڦيرايان، ڪين بيانن کي ڦيرايان.

عرب ويا ارغون ويا، ترخان ويا ۽ مغل ويا
انگريز ويا ۽ هي بہ ويندا هُل هنگامان جاڻ ٿيا
مون توپ تلوارون گهاٽا ٽاٽا ڦنڪا ڪوڙا خوب سنا
هي ڳالهہ نئين ڪا مون لئہ ناهين هردم ڪوڙا ڪوٽ ڏٺا
مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون ساڳيو نعرو پيوورجايان
ڪين بيانن کي ڦيرايان، ڪين بيانن کي ڦيرايان.

ون يونٽ ۽ ٻوليءَ واريون توکي گوليون ياد ڏياريان
خون سنديون هي ٿوڙي ڦاٽڪ واريون چوليون ياد ڏياريان،
لاڪا ڳوٺ تي بمباري ٿي سنڌوءَ سارو رت وهايو
پاپي ٿيا پنجابي هردم سنڌين پنهنجو پاڻ ملهايو
ٽربيونل جا جج ٻڌي ڇڏ آءٌ اصل ڏوهاري ناهيان
ڪين بيانن کي ڦيرايان، ڪين بيانن کي ڦيرايان

روز اڇن ٽا ريل ڀري اڄ پنجابي هن سنڌ اندر
روز ٻِهاري ۾ افغاني ڪوس ڪرائن ٽا گهر گهر
هرشيءِ تي هو قبضو ڪندي بک اسانکي مارن ٽا
آزادي ٽا چاهيون تڏهن جيل سوين ڏيڪارن ٽا
انهيءَ خاطر ڏار رهڻ لئہ هاڻ پاڪستان ٽو ڊاهيان
ڪين بيانن کي ڦيرايان، ڪين بيانن کي ڦيرايان

گورا ويا ۾ ڪارا آهن سنڌين مٿان مارا آهن
اهي وارا ڊارا آهن، سنڌڙي ”ارڏا“ سارا آهن
سر جو سانگ نہ سارينداسون ٻارڻ جاري ٻارينداسون
دنيا کي ڏيکارينداسون، دشمن پنهنجو مارينداسون
جيئي سنڌ جو جوڌو آهيان، سنڌو ديشي ٽو ڳالهايان
ڪين بيانن کي ڦيرايان، ڪين بيانن کي ڦيرايان.

# هڪڙو نقطو

سائين سنڌو ديش ٿو ناهي، هن جو هڪڙو نقطو آ
اخبارن کي لکيان ڪونہ پل لکن هو ڇاجو ڇا

اخبارن مان اردوءَ وارا
غلط لکن سڄا سارا
خالي پلي ڪن مونجهارا
سنڌي تن کان ٿيا خفا
سائين سنڌو ديش...

ڪيئي ڪاميٽيون هٿ نهيون
ڪيئي ڪاميٽيون هٿ ڏهيون
دنڌو ديش سواءِ نہ هريون
ٻيا سڀ نقطا آيا ويا
سائين سنڌو ديش...

هرهڪ چوندو سنڌي سياڻو
سائين ڪڏهن ڪونہ وڪاڻو
سنڌ اندر آ پهريون ماڻهو
جنهن ڪئي سنڌڙي ساڻ وفا
سائين سنڌو ديش...

هن وٽ آيا ڪيئي شاهه
پاڪستان جا ڪيئي جناح
پنجابن جا خيرخواهه
چاهي سن اچي ڪو ضياء
سائين سنڌو ديش...

سائين ڪالهه اڪيلو هو
اڄ سنڌڙيءَ جو سرواڻ ٿيو
سنڌين سنڌو ديش چيو
هت ”ارڏن“ ڪان اعلان ٿيا
سائين سنڌو ديش...

# مايوس نہ ٿيءُ

اي سنڌو تون مايوس نہ ٿي
هي هوشو هيمون جاڳيا هن

ڪالھ جي تون مايوس نہ هئين
اڄ ڀلا مايوس ڇو ٿئين
ڪيئن ڦريندا ڦورو توکي
جايا ساڃيا ڀاڳيا هِن
هي هوشو، هيمون جاڳيا هن

ڪالھ آيا ارغون ۽ گورا
اڄ پنجابي ڪارا ڪورا
سنڌي ڄاڻ اهي تا ڄاڻن
گورا ڪارا ساڃيا هن
هي هوشو، هيمون جاڳيا هن

ڪالھ ڀٽائي شاھ پيارو
اڄ ڀي جي_ايم جيءُ جيارو
سنڌوءَ ساجھ شاھ رسالي
گورا توڏا واڳيا هن
هي هوشو، هيمون جاڳيا هن

ون يونٽ ۽ توڙي ڦاٽڪ
واقعا دل تي ڪن تا ڏڪ ڏڪ
اڃهو ”ارڏن“ سنڌين هاڻ
ڏاريا ڦورو داغيا هن
هي هوشو هيمون جاڳيا هن

# سنڌڙي جو فرمان

ذاتي جهيڙا جهڳڙا ڇڏيو
پيار محبت سان گهر اڏيو
قومي ٻڏيءَ خاطر سڏيو
ميڙي سيڙي سيئي گڏيو
دنيا ۾ انسان اهو آ
سنڌڙيءَ جو فرمان اهو آ

مون ۾ تو ۾ ڪيئي برايون
هڪ ٻئي کي اچو سٽايون
دشمن اڳيان ڪين ڳٽايون
پنهنجو پردو ڪين ڪٽايون
ڏار آهيون ارمان اهو آ
سنڌڙيءَ جو فرمان اهو آ

هت ڪامورو يا پير هجي
مزدور هجي يا مير هجي
هت هاري يا وزير هجي
هت دولتمند فقير هجي
گڏجن سڀ احسان اهو آ
سنڌڙيءَ جو فرمان اهو آ

جنهن قوم اندر اتحاد نہ آهي
دنيا ۾ سو شاد نہ آهي
جڻ ڌرتيءَ تي آباد نہ آهي
تاريخن ۾ ياد نہ آهي
اتحاد جتي سلطان اهو آ
سنڌڙيءَ جو فرمان اهو آ

پنهنجي قوم سان وير نہ ڪريو
پاڻ ۾ گڏجو دير نہ ڪريو
من اندر ڪو مير نہ ڪريو
پوئتي هرگز پير نہ ڪريو
هتڙي مرد مهان اهو آ
سنڌڙيءَ جو فرمان اهو آ

قوم اندر جو مرض ٽئي ٿو
دانشور تي فرض ٽئي ٿو
هن تي قومي قرض ٽئي ٿو
آزاديءَ لئہ عرض ٽئي ٿو
سوچي جو رحمان اهو آ
سنڌڙيءَ جو فرمان اهو آ

هرهڪ عالم سياست وارو
قوم سان هردم ٽئي سوپارو

کين ڦري کو گورو ڪارو
اهو ڪافي آهي اشارو
مون وٽ سياستدان اهو آ
سنڌڙيءَ جو فرمان اهو آ

آزادي ايمان آ منهنجو
هر سنڌي سلطان آ منهنجو
ساهہ سِسي قربان آ منهنجو
هن سنا زنده شان آ منهنجو
”ارڏن“ جو اعلان اهو آ
سنڌڙيءَ جو فرمان اهو آ

# چوٿا

(1)

ڪنهنکي پنهنجي ڪان، ڪنهنکي ڌارئي ڪان شڪايت
ڪنهنکي ٿي ٻڏڻ وقت ڪناري ڪان شڪايت
جا قوم نہ پنهنجي ۽ پرائي ڪي سڃاڻي
مونکي آهي ان قوم جي ستاري ڪان شڪايت

(2)

قوم جا ڪونڌر ڪيئي آيا، آهن، ايندا پيا،
لعل پيدا قوم ۾ ٿيا، آهن، ٿيندا پيا،
اي قوم جا دشمن هلائيندين ڪيترن تي گوليون
ديس جا دودا سوين، ڄايا، آهن، ڄمندا پيا.

(3)

اديب انقلابي ٿي تہ انکي اديب سڏيان
جي_ايم سائينءَ ڪي سنڌ جو حبيب طبيب سڏيان
ارڏا سنڌي ٿين هاڻي بنگالي،
وڙهي جو قوم لئہ مري، تنهنکي مجيب سڏيان

(4)

سؤ دفعا منهنجو سلام تن شهيدن ڪي سدا
قوم جي حقن خاطر سر ڪيا جن جن فدا
ان مزارن جي مٽي ارڏا اٿئي خاڪ شفا
جن ڪان توکي پي ملي نياءُ آزادي ادا

(5)

فرد سان محبت ڪرڻ جو هي زمانو ناهِ يار
عام لئہ آ شعر منهنجو هڪ نشانو ناهِ يار
هاڻي عاجز ٿيءُ "ارڏو" لهہ اچي ميدان ۾
قوم سان محبت ڪرڻ ڪو فسانو ناهِ يار

(6)

هڪڙي گوليءَ جي اڳيان دشمن سيئي بيهارجن
غير ۽ غدار سڀ گڏ انهيءَ دم مارجن
جيئن نہ پوءِ هي قوم انهن جا ڪندا ويهي ڪڍي
وڙهجي "ارڏا" هڪڙو پيرو پرڪي ٻارڻ ٻارجن

(7)

زندگيءَ ۾ تنهنجي ڪمن سان وڏو اختلاف آ
تون آهين موقع پرست، مان آهيان تنهنجي خلاف
تون لڪائين حق کي پر مان ڪندس ظاهر ضرور
ڍير مٿيءَ تان لاهيندس تنهنجا ڪوڙا سڀ غلاف

(8)

پاڪستان جي ڏينهن تي منايون ۽ ترانا
اقبال جي ڏينهن تي غزل، گيت، گانا
ڀٽائيءَ تنهنجي ڏينهن تي موڪل نہ ڪا وائي
واڪا ڪندي "ارڏا" ٿيا ڪيئي زمانا

(9)

(1983 سال لاءِ)

هن سال لاءِ چون ٿا تہ اردو جو سال ٿئجي
ٿئني ٻولين جو شايد هاڻي زوال ٿئجي
صدين جي ٻولي ڪان ڪلهہ واري معتبر ٿي
جنهن ٻولين جو "ارڏا" هٿ جو رومال ٿئجي

(10)

سنڌي اهڙي وائي ٿي
سنڌ سدائين سائي ٿي
آءٌ پڪاريان حيدر حيدر
ساڻي شاهہ سنائي ٿي

(11)

هي ملڪ پاڪستان اٿئي
هت ڪوڙ، ٺڳي دهمان اٿئي
هت قوم سڄي قتلام اٿئي
هت سياست سڀ بدنام اٿئي

# ديش جو نعرو

(1)

تون ڪمائين تون ئي ڪائين
تون جي محلاتون اڏائين
تون اگر سنڌي سڏائين
تون اگر ٻولي ٻڌائين
تون اگر ڌاريا ڀڄائين
اڄ اچي وارو وڄاءِ
سنڌ ڌرتيءَ سان نڀاءِ
ديش جو نعرو لڳاءِ.

(2)

ڇو ٻين جا گهر ڀرين
ڇو ٻلڙ گوهيون ڪرين
ڇو منافق ٿي مرين
ڇو اجا ٻڏين ترين
ڇو ٿو ڳٽتين ۾ ڳرين
ڇو نہ آزادي گهرين
فڪر سيد جو سٽاءِ
هي وڄي ڪولي ٻڌاءِ
ديش جو نعرو لڳاءِ

(3)

غير جو هتڙي اچڻ
هر وسيلي کي کسڻ
ڪارخانن جو هٽڻ
مزدور هاريءَ کي کهڻ
مال ميڙي گهر نيڻ
ديس واسين کي ڦرڻ
مڙس تي ان کي پڄاءِ
پنهنجي ڌرتيءَ کي بچاءِ
ديش جو نعرو لڳاءِ
ديش جو نعرو لڳاءِ

(4)

هت مسئلا ڪونہ ڪڻ
هت مسئلن جو آ ڏڻ
ڪالهہ سنڌوءَ جو وهڻ
اڄ سنڌوءَ جو سُڪڻ
زور سان پاٽي جهلڻ
ان داٽي لاءِ سڪڻ
ڪين ڪر تون هاءِ هاءِ
ڪين ٻچڙن کي روئاءِ
ديش جو نعرو لڳاءِ
ديش جو نعرو لڳاءِ

(5)

چا ٻڌايان مسئلا
ڪو نہ ڪٿندا سلسلا
ڏارين جا ولولا
آيا باندر ۾ بلا
ڪيئي آيا زلزلا
اڃا بہ وڌيا حوصلا
ڪات ظالم تي وهاءِ
ظالمن ڪان جند ڇڏاءِ
ديش جو نعرو لڳاءِ
ديش جو نعرو لڳاءِ

(6)

ڏاريا هٿ لڪ ٿيا
سنڌين جا ٻڪ ٿيا
گولين جا بک ٿيا
سڀ سڙي هٿ رک ٿيا
ٻيا اڏاٽا پڪ ٿيا
سانت ۾ سڀ ڪک ٿيا
ڪين ماضيءَ کي ڀلاءِ
تون بہ ڪا گولي هلاءِ
ديش جو نعرو لڳاءِ
ديش جو نعرو لڳاءِ

(7)

**ڪوٽ ڦهري ڊاهيو**
**ديش پنهنجو ٺاهيو**
**ٽج ٽورا لاهيو**
**ڪاهيو اڄ ڪاهيو**
**هيڏا سنڌي آهيو**
**ڇو نہ ٿا ڳالهائيو**
**هٿ ارڏي سان ملاءِ**
**دشمنن جا گهر جلاءِ**
**ديش جو نعرو لڳاءِ**
**ديش جو نعرو لڳاءِ**

****

# پلي پلي

جيئي سنڌي جيئي سنڌ
هڻ نعرو هاڻي ٻلي ٻلي

پنهنجي ٻولي پنهنجي طاقت
پنهنجي عزت پنهنجي عظمت
سنڌڙيءَ سان آ ملي ملي
هڻ نعرو هاڻي ٻلي ٻلي

پاڻ ۾ ملندا پارٽيون ڊاهي
ايندا جيئي سنڌ ڏي ڪاهي
دشمن ويندا جلي جلي
هڻ نعرو هاڻي ٻلي ٻلي

دشمن ويندا ڊيري ٽيندا
سنڌ سنڌين کي ڏيئي ويندا

گوليِ جڏهن هلي هلي
هڻ نعرو هاٽي ڳلي ڳلي

پاڪستان کي سيئي ڏاهيون
سنڌو ديش کي سيئي ٿاهيون
”ارڏا“ چوندا پلي پلي
هن نعرو هاٽي ڳلي ڳلي

(14-01-1980)

# انقلاب آهي

سر تي سر رکي قلم ڪري ڇڏ
مڃي ڄاڻي تون اسانجو ماس تري ڇڏ
ڪاري چڪر جون ڪونيون هن قوم سان پري ڇڏ
هرگز نہ ٿاهه ٿيندو هي ڏيان تون ڏري ڇڏ
هي قوم جي طرف کان مليل جواب آهي
هاڻي انقلاب آهي، انقلاب آهي.

سنڌ ۾ فوجي گورنر ساڳيو آهي
اجا بہ چئو ٿا هاڻي مارشلا ناهي
هو پنهنجي هٿن سان ٿو ڪورٽون ٺاهي
هي سنڌين سان ظلم نہ آ تہ ٻيو ڇاهي
حق گهرڻ تي قيد ۽ عذاب آهي
هاڻي انقلاب آهي، انقلاب آهي.

ٿر ۾ ٻيو تہ ڇڏ پاڻي پيئڻ لئہ ناهي
پنجابي باغ بنائڻ لئہ ڊيم ٿو ٺاهي
فقط ان لئہ تہ سنڌي هر نہ ڪاهي
مالڪ جو چري چور ٿو گولي هلائي
بي داد واري ملڪ جو ڍاهڻ ثواب آهي
هاڻي انقلاب آهي، انقلاب آهي.

مسئلا ڪٽي انجي در صدا نہ ڪريو
جهولي جهلي انجي در گدا نہ ڪريو
پنجابي يزيد آ انکي خدا نہ ڪريو
سيئي گڏجي وڙهو ٽولا جدا نہ ڪريو
”ارڏي“ جو شعر سنڌوديش جو رباب آهي
هاڻي انقلاب آهي، انقلاب آهي.

# ڪونہ ڪپي ٿو

ڪونہ ڪپي ٿو ڪونہ ڪپي ٿو، پاڻ ڪي پاپي پاڪستان
سنڌي دوڙن ڪان ٿيو آهي آزاديءَ جو هي اعلان

ڪن تي ڪات وهايو ويو آ
ڪن کي ديس ڇڏايو ويو آ
مردن کي ڪي هندو ساڙن
زنده هٿ جلايو ويو آ
پوءِ بہ هنتڙي پاڻ کي سمجهن ماڻهو ماري مسلمان
ڪونہ ڪپي ٿو......

نياڻيون سياڻيون روئي وينيون
ممتا ڪان هٿ ڌوئي وينيون
مارن خاطر هي ٽر ڇايون
ساندين قاتل لويون وينيون
مارن تي مردود شڪاري هاءِ هلايو تير ڪمان

ڪونہ ڪپي ٿو.....

ڪي ديس ڇڏي پرديس لڏي ويا
نياڻيون سياڻيون هٿ ڇڏي ويا
هڏڪين ۾ بہ اڪڙيون ڦيري
پينر پنهنجا ياءُ سڏي ويا
ملڪ نهڻ سان گهر ڍهي پيا وستيون ٿيون ويران،
ڪونہ ڪپي ٿو..........

قومن جو قتل عام ڏسي
خوني خوني جام ڏسي
انصاف جو هتڙي نام نہ آ
رشوت خوري عام ڏسي
فردن ڪان وڌ قومن سان ٿيو دوکو ۽ دهمان
ڪونہ ڪپي ٿو..........

سچو ماڻهو جيل ۾ گهاري
ڪوڙو ماڻهو خوش گذاري
ٿي قومون ٿيون بک مرن
هڪڙي قوم ٿي سون ٻهاري
گهر ڏٽي ٿيو بي گهر هاڻي مالڪ ٿيو مهمان
ڪونہ ڪپي ٿو..........

هيڏا هاڃا هيڏا سور
ڦٽ ڦري هي ٿيا ناسور
روز ڪسڻ جي ڪار هتي
ڪير ڳڻي هت ڏوھ قصور
روز ٿئي ٿو ”ارڏو“ سنڌي گوليءَ جو تہ نشان
ڪونہ ڪپي ٿو..........

# اتحاد

اتحاد ڪرڻ گهرجي سنڌوءَ جي پيارن کي
تڏهن تہ وڃي رسيو سنڌوءَ جي ڪنارن کي
پرڪڻ لاءِ سڏيو هاڻي سنڌوءَ جي ستارن کي
ٻيڙن ڏي ڏسو ڇو تا
ترهن تي ترڻ گهرجي
اتحاد ڪرڻ گهرجي

پنجاب ڪان گاڏين تي سيلاب آيو سنڌ ۾
ٻيهار گٽر وارو ڏس آب آيو سنڌ ۾
ڄڻ ملڪي وزيرن لئہ شراب آيو سنڌ ۾
نڪ ٻوڙي ڊڪڻ ۾ اڄ
اهڙن کي ٻڏڻ گهرجي
اتحاد ڪرڻ گهرجي

رڳو جيل ۾ ڇو آهن؟ هي سنڌي سياستدان
ڇو ڌارين لئہ ڪليل آ؟ سياست جو ميدان
ڪيستائين ٽيندين؟ تون دوزخ جو ٻلدان
هت پارٽيون سپ ڊاهي
هڪڙي سان هڻ گهرجي
اتحاد ڪرڻ گهرجي

پاڻيءَ جي مسئلي تي پنجابي آهن
دهريا ۽ ملان گڏجي هي ٻيم پيا ناهن
هت پاڻ ۾ ٻه پائر نهيا ٻه ڪڏهن ناهن
ارمان اهو آهي
ڪُجهه ڏيان ڏرڻ گهرجي
اتحاد ڪرڻ گهرجي

سنڌ اندر جڏهن سؤ سياسي ٽولا ٿيا
هي ديس وجائي پوءِ مقدر ۾ رولا ٿيا
قابض تڏهن ڪان انگريز ۽ پولا ٿيا
سؤ سال غلاميءَ ڪان
هڪ ڏينهن مرڻ گهرجي
اتحاد ڪرڻ گهرجي

هڪ ٻئي سان وڙهو چو ٿا اي سنڌي شاگردؤ
تنهنجو هٿ توڪان پيو ڏاريو وڍائي ٿو
هي چال پراڻي آ ويڙهائي راڄ ڪيو
پاڻ ۾ سڀ هڪ ٿي
ڌارين کي ڌڪڻ گهرجي
اتحاد ڪرڻ گهرجي

ڌارين جا سنڌڙي تي ميل هزارين ٿيا
آواز اٿاريا سون ته جيل هزارين ٿيا

تڏهن مون ڏٺا هتڙي ڏاڙيل هزارين ٽيا
ان وقت چيو ”ارڏي“
پنهنجو نہ ڦرڻ گهرجي
اتحاد ٿيڻ گهرجي

# سنڌي ناهن

سنڌ سنڌين جي تڏهن ٿيندي
جڏهن سنڌي سنڌ جا ٿيندا
سنڌ جو ناٽو، سنڌ جو پاٽي
سنڌ جي مٽي دز نہ ڏيندا
سنڌ جا وارث، سنڌ جا سڄڻ
ڪرسيءَ تي لالچ ڪو نہ مڃندا
سنڌيءَ ڪي ڪو ڌاريو ماري
انجي عيوض قوم ماريندا
مون وٽ سنڌي سي ئي آهن
”ٽِڪي“ ”حقي“ ڪڏ نہ هوندا
سي ڪيئن سيڻ سنڌين جا چئبا
لنڊن ڪان لاهور جي ويندا
ظاهر ۾ پل سنڌي آهن
سنڌ جا ناهن، سنڌي ناهن

ووٽ وني لاهور وڃن ٿا
پنجابين تي گهور وڃن ٿا
هڙ ڦرائي، قوم ڪهائي
ڪاسائن لئہ ڊور وڃن ٿا
ڪيئي اڳ مئا ڪرسيءَ لئہ

ٻيا ٻہ اوڏانهن زور وجن ٿا
لالچ خاطر تنگجي رنا
مڙس ماريون شهزور وجن ٿا
ايوانن ۾ مار کائڻ لئہ
نانگن جي ٻر نور وجن ٿا
سنڌين جو سامان کٽائي
پنهنجي گهر جا چور وجن ٿا
سنڌ ڇڏي پنجاب کي چاهن
سنڌي جا ناهن، سنڌي ناهن

ووٽ ڏنو مجيب کي چاهي
ووٽ وڌو ڀٽي کي ڦاهي
ووٽ جو پرچو ڦاڙيو ساڙيو
ڏس ڏنو آ مونکي ڏاهي
غير جي گهر ۾ ويهڻ وارو
تنهنجو منهنجو هرگز ناهي
ووٽ وٺندڙ ويرُ نہ وٺندا
متان ڪرسيءَ ڪان ڪولاهي
اڳي ايئن قوم کهائي
غير اڃا غدار ٿو چاهي
غيرن سان غدار ملائي
هٽجن گوليون ناهي ٺاهي
جيڪي غير جي طرف ڳالهائن
سنڌ جا ناهن، سنڌي ناهن.

پنجابي جي هٿ اچن ٿا
تن کي جيڪي ڪين ڪڇن ٿا
سي ئي سڀ حرامي ٻچڙا
جيڪي تن ڪان ڪين پڇن ٿا
پنجابين سان پاڻ وڙهون ٿا
ان جي ڏُر تي نانگ نچن ٿا
غير جي بدلي پنهنجا ماري
انعامن لئہ سانگ رچن ٿا
تن کي "ارڏا" نيڪ ناهيندا
سنڌين تي جي سڙن پچن ٿا
جيڪي سنڌو ديش نہ چاهن
سنڌ جا ناهن، سنڌي ناهن

# مفت نہ مر

اي لوپي ڪر نہ لات اندر،
۽ ڪرسي ڪرسي تات اندر
ايئن مفت نہ مر ايئن مفت نہ مر

هت ڪوس هلي پيو ڪات وهي
هرڏينهن اندر هر رات اندر
باقي جي بچيا انهن ڪي ڏنم
هر فرد آهي سقرات اندر
هت ڪير ڪڇي هڪ ير لڇي
پٽر آ پيل وات اندر
هوشو بہ اٿي هيمون بہ اٿي
ايمان رکين پرڀات اندر
ڪُجھ ڏيان تون ڏر ڪجھ ڏيان تون ڏر
ايئن مفت نہ مر ايئن مفت نہ مر

ظالم جي اڳيان مظلوم اٿي
حاڪم جي اڳيان محڪوم اٿي
چو سور سهين سختين ۾ رهين
تحريڪ هلاءِ اي قوم اٿي
سوچين بہ نٿو لوچين بہ نٿو

چالاءِ مئا معصوم اٿي
هي باھ وڪوڙيل آ گهر کي
هي ساھ بچاءِ  اي شوم اٿي
ٻيڙيءَ کي هلاءِ اي ميربحر
ايئن مفت نہ مر ايئن مفت نہ مر

جنهن بہ هتڙي حق ڇيو
گوليءَ سان مئو غدار ٿيو
آواز اٿاري ڇا سگهندين
هت ڌارئي جڏهن قبضو ڪيو
جنهن قوم اندر اتحاد نہ هو
تنهن قوم جو نالو مٽجي ويو
تو سمجهيو سڄڻ دشمن کي
تو دشمن پنهنجو سان ڪنيو
دشمن جي هٿان ايئن پيءُ نہ زهر
ايئن مفت نہ مر ايئن مفت نہ مر

هر هنڌ گولي گولي آ
تو قوم ڇو پنهنجي رولي آ
هو اڄ بہ توڪان ڌار آهن
جا ڌار هنن جي ٻولي آ
ڌارين کي ڇڏي پنهنجن کي سڏين
مهراڻ اندر هر ڇولي آ
”ارڏن“ جي اڳيان جي قول ڪرين

پوءِ جنگ ڪٽڻ اڄ سولي آ

هن قوم سان مرندي پيار تہ ڪر
ايئن مفت نہ مر ايئن مفت نہ مر

# عام ڏنا مون

ڪي ڪي قبح و شام ڏنا مون
ڪن ڪن جا پيغام ڏنا مون

جن وٽ خوف ۽ لالچ ٻيئي
تن وٽ ويندي عام ڏنا مون

جن وٽ پيار امن جو پاڇو
تن تي سؤ الزام ڏنا مون

جن ٻہ ورتو ڏاڍ جو پاسو
خيال انهن جا خام ڏنا مون

جن ٻہ هتڙي حق ڇيو آ
ناحق سي بدنام ڏنا مون

جن ٻہ پنهنجا پاڻ تي ماريا
تن جا ننگ نيلام ڏنا مون

جن ٻہ ڪا تاريخ وساري
نيچ ۽ شودر نام ڏنا مون

جن ٻہ ديس کي دان ڏنو آ
ڄمندي سي ئي ڄام ڏنا مون

جن قومن جا "ارڏا" جاڳيا
ڪڏهن سي نہ غلام ڏنا مون.

*** ختم ٿيو ***